هفتيوار رسالو:346

WEEKLY BOOKLET:346

شيخِ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت علامہ
و مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ
بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ جي ملفوظات جو تحريري گلدستو

# امير اهلِ سُنت کان عيد جي باري ۾ ٢٣ سوال جواب

SINDHI




عيدالفطر ڇو ملهائي ويندي آهي؟ | 02

عيد جي خوشي ۾ گانا وڄائڻ ڪيئن؟ | 07

ڇا عورت تي به عيد نماز پڙهڻ واجب آهي؟ | 06

ڇا عيد جي نماز اڪيلي پڙهي سگهون ٿا | 10



شيخِ طريقت امير اهلسنت باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنۡ شَآءَالله جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفکربيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: **اميرِ اهل سنت کان عيد جي باري ۾ 23 سوال جواب**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي هجي يا ڪا ٻي خرابي هجي ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

www.dawateislami.net

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علام
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

# اميرِ اهلسنّت کان عيد جي باري ۾ 23 سوال جواب

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# اميرِ اهلسنّت کان عيد جي باري ۾ 23 سوال جواب[1]

دعاءِ جانشينِ اميرِ اهلِ سنّت: ياربَّ المصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو "**اميرِ اهلسنّت کان عيد جي باري ۾ 23 سوال جواب**" پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن جون پريشانيون دور فرماءِ ۽ ان جي والدين سميت بي حساب مغفرت فرماءِ

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلی اللّٰہ علیہ وآلہٖ وسلَّم

## دُرود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: اَكْثِرُوا الصَّلَاةَ عَلَيَّ يَوْمَ الْجُمُعَةِ فَاِنَّهٗ مَشْهُوْدٌ تَشْهَدُهُ الْمَلَائِكَةُ وَاِنَّ اَحَدًا لَنْ يُّصَلِّيَ عَلَيَّ اِلَّا عُرِضَتْ عَلَيَّ صَلَاتُهٗ حَتّٰى يَفْرُغَ مِنْهَا يعني "جمعي جي ڏينهن مون تي ڪثرت سان درود موڪليندا ڪيو ڇوتہ هي ڏينهن يومِ مَشْهود(يعني منهنجي بارگاهہ ۾ ملائڪن

[1] هي رسالو اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کان ڪيل سوالن ۽ انهن جي جوابن تي مُشتمل آهي

جي خُصوصي حاضري جو ڏينهن) آهي، هن ڏينهن ملائڪ(خاص ڪري ڪثرت سان منهنجي بارگاهہ ۾) حاضر ٿيندا آهن، جڏهن ڪو شخص مون تي درود پاڪ موڪليندو آهي تہ ان جي فارغ ٿيڻ تائين ان جو درود منهنجي سامهون پيش ڪيو ويندو آهي.“ حضرت ابودَرداء رَضِیَ اللہ عَنْہُ جو بيان آهي تہ مون عرض ڪيو: (يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم!) ۽ اوهان جي ظاهري وصال کان پوءِ ڇا ٿيندو؟ ارشاد فرمايائون: ”ها!(منهنجي ظاهري) وصال کان بعد بہ (منهنجي سامهون ايئن ئي پيش ڪيو ويندو). اِنَّ اللّٰهَ حَرَّمَ عَلَى الْاَرْضِ اَنْ تَاْكُلَ اَجْسَادَ الْاَنْبِيَاءِ يعني الله پاڪ زمين جي لاءِ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي جسمن جو کائڻ حرام ڪيو ويو آهي.فَنَبِيُّ اللّٰهِ حَيٌّ يُرْزَقُ پوءِ الله پاڪ جو نبي زنده هوندو آهي ۽ ان کي رزق بہ عطا ڪيو ويندو آهي.“

(ابن ماجه،291/2، حديث:1637)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

سوال: عيدُالفِطر کي مٺي عيد ڇو چيو ويندو آهي؟

جواب: عيدُالفِطر کي مٺي عيد شايد انهي ڪري چيو وڃي ٿو جو هن عيد تي نماز کان پهريان اِڪي عدد ۾ کجور کاڌي ويندي آهي جيڪا مستحب آهي. (ملفوظات امير اہل سنت، 311/8)

سوال: عيدُالفِطر جي نماز کان پهريان مٺي شيءِ کائڻ جو شرعي حڪم ڇا آهي؟

جواب: عيدُالفِطر جي نماز کان پهريان مني شيءِ طاق عدد ۾ کائڻ سُنت آهي. (فتاویٰ ہندیہ، 149/1)اسان جي مُعاشري ۾ ماڻهو هن تي عمل بہ ڪندا آهن تہ عيدالفطر جي نماز کان پهريان گهرن ۾ سيون پچايون وينديون آهن ۽ ماڻهو کائي ڪري نماز پڙهڻ ويندا آهن. نماز کان پوءِ مَلائي ۽ پُوريون وغيره کائيندا آهن. منهنجي عام طور هي عادت رهي آهي تہ عيدالفطر جي نماز کان پهريان ٿوري مقدار ۾ سيون کائيندو آهيان، وڌيڪ ناهيان کائيندو ڇوتہ هي ميدي جي اَٽي مان ٺهيل هونديون آهن تہ صحت جي لاءِ نقصاده بہ ٿي سگهن ٿيون. (هن موقعي تي نگرانِ شوري فرمايو:) عيدُالفِطر جي نماز کان پهريان ڪجھ مٺو کائڻ گهرجي، اسان جي گهر ۾ جنهن وقت ديني ماحول نہ هو اُن وقت بہ اسان کي عيدُالفِطر جي نماز کان پهريان ڪجور کارائي ويندي هئي.
(ملفوظات امیر اہل سنت، 283/8)

سوال: عيدُالفِطر ڇو ملهائي ويندي آهي؟

جواب: جيڪي ماڻهو رَمضانُ المبارڪ ۾ تراويح پڙهندا آهن، مشقت برداشت ڪندا آهن تہ انهن کي مغفرت جا پروانا ڏنا ويندا آهن. انهن ماڻهن جي لاءِ الله پاڪ جي طرفان هڪ خوشي جو ڏينهن آهي، جنهن ڏينهن اهي خوشي ملهائيندا آهن. عيد جي رات کي لَيۡلَةُ الۡجَائزه(يعني انعام جي رات) بہ چوندا آهن. (شعب الایمان، 336/3، حدیث: 3695، ملفوظات امیراہل سنت، 240/8)

سوال: عيدُالفِطر کي ننڍي عيد ۽ عيدُالاضحيٰ کي وڏي عيد ڇو چوندا آهن؟

جواب: عيدُالفِطر کي ننڍي عيد ۽ عيدُالاضحيٰ کي وڏي عيد هي

عوامي اصطلاح آهي جيڪا ماڻهن ۾ مشهور آهي. مان تہ عيدُالفِطر ۽ عيدُالاَضحيٰ ئي چوندو آهيان. (ملفوظات امير اہل سنت،122/9)

سوال: ڇا عيد جي ڏينهن نوان ڪپڙا پائڻ تي ثواب ملندو آهي ؟

جواب: عيد جي ڏينهن نوان يا ڌوتل عمده ڪپڙا پائڻ مستحب آهي. (فتاویٰ ہندیہ، 149/1) شرط اهو آهي تہ ثواب جي نيّت سان پائي، جيڪڏهن فخر ۽ ڏيکاءُ جي لاءِ پائيندو تہ ثواب جي بجائي گناھ جو حقدار ٿيندو. (ملفوظات امير اہل سنت،179/9)

سوال: چنڊ نظر ايندي ئي ماڻهو گولين جو آزادانہ استعمال ڪندا آهن. ڇا ايئن ڪرڻ جائز آهي.؟

جواب: اسان وٽ پاڪستان ۾ هوائي فارنگ ڪرڻ قانوني طور تي منع آهي، ٿي سگهي ٿو تہ ٻين ملڪن ۾ بہ منع هجي، پر پوءِ بہ عيد جو چنڊ نظر ايندي ئي عوام گولين جو آزادانہ استعمال ڪندي آهي ۽ ٺاٺا لڳل هوندي آهي، ايئن نہ ڪرڻ گهرجي. جڏهن چنڊ نظر اچي تہ چنڊ جي دعا پڙهڻ گهرجي.[2] (ابو داود، 419/4، حديث:5092ماخوذاً) (ملفوظات امير اہل سنت، 316/6)

---

[2] (رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن هلال ڏسندا هئا تہ هي دعا پڙهندا هئا: اَللّٰهُمَّ اَهِلَّهٗ عَلَيْنَا بِالْاَمْنِ وَالْاِيْمَانِ وَالسَّلَامَةِ وَالْاِسْلَامِ رَبِّيْ وَرَبُّكَ اللهُ ترجمو: اي الله پاڪ، ان کي اسان تي اَمن ۽ ايمان، ۽ سلامتي ۽ اسلام سان طلوع فرماءِ،(اي چنڊ!) منهنجو ۽ تنهنجو ربّ الله پاڪ آهي. (مستدرک حاکم ،5/ 405 ، حديث :7837 ) قمري مهيني جي پهرين ۽ ٻئين ۽ ٽئين رات جي چنڊ کي هلال چوندا آهن. (مرقاۃ المفاتيح،5 / 283) هي دعا پهرين، ٻئين ۽ ٽئين رات تائين پڙهي سگهو ٿا)

سوال: عنقريب ”لَيِّلَةُ الَجائزه“ (يعني عيدالفِطر جي رات) اچڻ واري آهي، هن رات ۾ ڪهڙي عبادت ڪرڻ افضل آهي؟

جواب: عيد جي سڄي رات جاڳي ڪري عبادت ڪرڻ ٿورو مشڪل هوندو آهي ڇوتہ صبح عيدُالفطر جي نماز پڙهڻي ۽ ان جي لاءِ تياري بہ ڪرڻي هوندي آهي تنهنڪري هر ڪو سڄي رات جاڳي ڪري عبادت ڪري سگهي هي ضروري ناهي. بهرحال سڄي رات جاڳي ڪري عبادت نٿا ڪري سگهو تہ عشاء جي نماز باجماعت پڙهي ڪري يلي سمهي رهو ۽ فجر جي نماز بہ باجماعت پڙهو تہ هن طرح سڄي رات عبادت ڪرڻ جو ثواب ملي ويندو ۽ هي فضيلت صرف چنڊ جي رات جي لاءِ خاص ناهي بلڪ جيڪو شخص هر روز عشاء ۽ فجر جي نماز جماعت سان پڙهندو آهي اُن ڪي سڄي رات عبادت ڪرڻ جو ثواب ملندو آهي.[3]

## عيدن جي رات ۾ عبادت ڪرڻ جي فضيلت

”لَيِلَةُالَجَائِزه“ يعني عيدُالفطر جي رات عبادت ڪرڻ جي وڏي فضيلت آهي، فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: جنهن عيدن جي رات ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ قيام ڪيو، اُن ڏينهن سندس دل نہ مرندي جنهن ڏينهن (ماڻهن جون)دليون مري وينديون. (ابن ماجہ،365/2، حديث:1782)

[3] حضرت عثمان غني رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو عشاء جي نماز جماعت سان پڙهندو جڻ اُن اَڌ رات قيام ڪيو ۽ جيڪو فجر جي نماز جماعت سان پڙهندو جڻ ان سڄي رات قيام ڪيو. (مسلم، ص 258، حديث:1491)

هڪ ٻي مقام تي حضرت مُعاذ بن جبل رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ جيڪو پنج راتين ۾ شبّ بيداري (يعني رات جاڳي ڪري عبادت) ڪري اُن جي لاءِ جنت واجب ٿي ويندي آهي، ذُالحِجّہ جي اٺين، نائين، ڏهين رات، عيدُالفِطر جي رات ۽ شعبانُ المعظم جي پندرهين رات يعني شب برات. (الترغيب والترهيب، 98/2، حديث:2)

## معافي جو عام اعلان

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما جي هڪ روايت ۾ هي بہ آهي: جڏهن عيدالفطر جي رات ايندي آهي تہ اُن کي"لَيّلَةُ الجَائِزه" يعني "انعام جي رات" جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. جڏهن عيد جي صبح ٿيندي آهي تہ الله پاڪ پنهنجي معصوم ملائڪن کي تمام شهرن ۾ موڪليندو آهي، جيئن تہ اُهي ملائڪ زمين تي اچي سيئي گهٽين ۽ واٽن جي ڪنارن تي بيهي رهندا آهن ۽ هن طرح پڪاريندا آهن: "اي اُمَّتِ مُحَمّد! اُن ربّ ڪريم جي بارگاھ جي طرف هلو! جيڪو تمام گهڻو عطا ڪرڻ وارو ۽ تمام وڏو مُعاف ڪرڻ وارو آهي." پوءِ الله پاڪ پنهنجي ٻانهن کي هيئن مخاطب ٿيندو آهي: "اي منهنجا ٻانهؤ! گهرو! جيڪو گهرڻ چاهيو ٿا؟ منهنجي عزت ۽ جلال جو قسم! اَجوڪي ڏينهن هن (عيد جي) اجتماع ۾ پنهنجي آخرت جي باري ۾ جيڪو ڪجھ سوال ڪندؤ اهو پورو ڪندس ۽ جيڪو ڪجھ دنيا جي باري ۾ گهرندؤ اُن ۾ توهان جي ڀلائي جي طرف نظر فرمائيندس(يعني هن مُعاملي ۾ اهو ڪندس جنهن ۾ توهان جي بهتري هجي) مون کي منهنجي عزّت جو قسم! جيستائين توهان منهنجو لحاظ رکندؤ مان بہ توهان جي خطائن جي پَرده پوشي فرمائيندو رهندس. منهنجي عزّت ۽ جلال جو قسم! مان

توهان کي حد کان وڌڻ وارن(يعني مُجرمن) سان گڏ رُسوا نہ ڪندس. بس پنهنجي گهرن جي طرف مغفرت يافتہ ٿي موٽي وڃو. توهان مون کي راضي ڪري ڇڏيو ۽ مان بہ توهان کان راضي ٿي ويس. (الترغيب و الترهيب، 60/2، حديث: 23) (ملفوظات امير اہل سنت، 299/8، 301)

**سوال: ”جيڪو شخص عيدُالفطر ۽ عيدُالاضحيٰ جي رات قيام ڪندو تہ ان جي دل اُن وقت نہ مرندي جڏهن ماڻهن جون دليون مري وينديون“** هتي دل جي نہ مرڻ مان ڇا مراد آهي

جواب: حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن عيدن جي راتين ۾ ثواب جي نيت سان قيام ڪيو تہ ان جي دل اُن وقت نہ مرندي جڏهن ماڻهن جون دليون مري وينديون. (ابن ماجه ، 365/2، حديث:1782)هن حديث پاڪ جي شرح ۾ آهي: دل جو نہ مرڻ بابت ڪجهہ ڳالهيون آهن: (1) اُن جي دل دنيا جي محبت ۾ مُبتلا ٿي ڪري آخرت کان پري نہ ٿيندي. (2) اُن جي دل بُري خاتمي کان محفوظ رهندي. (فيض القدير ،248/6، تحت الحديث:8903 )(3) قبر جي سوالن ۽ ميدان محشر ۾ بہ اُن جي دل مطمئن رهندي. (حاشية الصاوی على الشرح الصغير ، 527/1)

عالم سڳورا فرمائن ٿا: هي فضيلت اڪثر رات عبادت ڪرڻ سان بہ حاصل ٿي ويندي مثلاً جيڪڏهن رات اٺ ڪلاڪن جي آهي تہ پنج ڪلاڪ عبادت ڪرڻ سان بہ هي فضيلت حاصل ٿي ويندي. (ملفوظات امير اہل سنت، 305/8)هن حديث پاڪ جي شرح پڑهي ڪري ممڪن آهي تہ هرشخص جو هي ذهن بڻجي وڃي تہ زندگي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو تہ ضرور عيدن جي رات ۾ قيام ڪيان. (ملفوظات امير اہل سنت، 305/8)

**سوال:** ڇا عورت تي عيد جي نماز پڑهڻ واجب آهي؟

جواب: جي نہ! عورت تي عيد جي نماز پڙهڻ واجب ناهي. (فتاوىٰ رضويہ، 615/27- ملفوظات امير اہل سنت، 284/8)

سوال: ڇا صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم ہڪٻئي کي عيد مبارڪ ڏيندا هئا؟

جواب: جي ها! صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم ہڪٻئي کي عيد جي مبارڪباد ڏيندا هئا ۽ دُعا بہ ڏيندا هئا تہ تَقَبَّلَ اللّٰهُ مِنَّا وَمِنْكَ يعني الله پاڪ اسان جا ۽ توهان جا عمل قبول فرمائي. (سنن الكبرىٰ للبيہقى، 446/3، حديث: 2694)اسان مان بہ هر شخص کي گهرجي تہ جڏهن بہ ڪنهن کي عيد جي مبارڪ باد ڏيون تہ گڏوگڏ هي دعا بہ ڏيون. عيد مبارڪ ڏيندي وقت هنن لفظن "تَقَبَّلَ اللّٰهُ مِنَّا وَمِنْكَ"سان دعا ڏيڻ مستحب آهي. (در مختار، 56/3- ملفوظات امير اہل سنت، 311/8)

سوال: "عيد مُبارِڪ" صحيح آهي يا "عيد مُبارَڪ؟

جواب: ڪيئي ماڻهو هن لفظ کي راء جي زير سان يعني "مُبارِڪ" پڙهندا آهن، حالانڪ راء جي زبر سان آهي يعني "مُبَارَڪ"، قرآنِ ڪريم " ۾ بہ لفظ "مُبَارَڪ" آيو آهي. ( پ17، الانبياء: 50- ملفوظات امير اہل سنت، 131/8)

سوال: ڇا تمام اِنسان هڪٻئي کي عيد جي مُبارڪ باد ڏئي سگهن ٿا؟ عام طور تي عيد جي مُبارڪ باد ڏيندي سؤٽ ۽ ڏير ياجائي سيئي پاڻ ۾ هٿ ملائيندا آهن، پڻ وڏو ڏير بہ ڀاءَ جي زال جي مٿي تي هٿ ڦيريندو آهي ڇا هي صحيح آهي؟

جواب: تمام مسلمان پاڻ ۾ هڪٻئي کي مُبارڪباد ڏئي سگهن ٿا، البتہ شرعي حدود هر جڳهہ هوندا آهن ۽ انهن شرعي حدن جي بنياد تي

نامحرم هڪبئي کي عيد مبارڪ نٿا ڏئي سگهن. ايئن ئي ڏير ۽ ڀاڄائي به هڪبئي کي مبارڪباد نٿا ڏئي سگهن ڇوته جيڪڏهن ڏير ۽ ڀاڄائي پاڻ ۾ هڪبئي کي مُبارڪباد ڏيندا ته ميل جول وڌندي ۽ گناهن جا دروازا کُلندا. حديث پاڪ ۾ آهي: ڏير ڀاڄائي جي حق ۾ موت آهي. (ترمذی، 391/2، حديث:1174)نامَحرم اهي هوندا آهن جن سان نڪاح هميشه جي لاءِ حرام ناهي هوندو. وڏي ڏير تي لازم آهي ته ڀاءُ جي زال جي مٿي تي هٿ نه ڦيري. جيستائين پاڻ ۾ هٿ ملائڻ جو تَعلُّق آهي ته هي اجا به وڏيڪ خطرناڪ ۽ جهنم ۾ وڃي وڃڻ وارو ڪم آهي. حضُور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذات مبارڪ سيني ڪان وڏيڪ شيطان ڪان محفوظ هئي. انهن ڪان وڏيڪ ٻيو ڪير شيطان ڪان محفوظ ٿي سگهي ٿو! پوءِ به"حضور اڪرمصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي هٿ ۾ عورت جو هٿ پڪڙي ڪري ڪڏهن به بيعت نه فرمائي. (بخاری، 217/2، حديث: 2713) اڄڪلهه اسان جي معاشري ۾ اهڙا جاهل پير صاحبان به موجود آهن جيڪي عورت جو هٿ پڪڙي بيعت ڪرائيندا آهن ۽ انهن ڪان پنهنجا هٿ به چمرائيندا آهن، اهڙن پيرن ڪان پري رهڻ ئي ۾ عافيت آهي. (ملفوظات امير اہل سنت، 306/8)

سوال: جيڪي ماڻهو ڪم جي سلسلي ۾ پنهنجي گهر ڪان پري هوندا آهن، عيد جي ڏينهن به گهر ناهن وڃي سگهندا ته اهڙا ماڻهو دوستن کي گهرائي ڪري يا پنهنجي اسٽاف سان ملي ڪري عيد جي خوشي ڳانا هلائي ڪري ملهائيندا آهن ڇا انهن جو ايئن ڪرڻ صحيح آهي؟

جواب: عيد جي ڏينهن ته بطور خاص الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ گهرجي ۽ گناهن ڪان بچڻ گهرجي. صدقو ۽ خيرات جي ذريعي غريبن جي مدد ڪرڻ گهرجي. جيڪي ماڻهو عيد جون خوشيون حاصل ناهن ڪري

سگهندا انهن کي بہ پاڻ سان گڏ خوشين ۾ شريڪ ڪرڻ گهرجي. عيد جي ڏينهن گانا هلائي ڪري عيد جي خوشي ملهائڻ صحيح ناهي. اڄڪلهہ جي مسلمانن کي ڇا ٿي ويو آهي جو عيد جي ڏينهن گانا هلائي ڪري جڻ هن ڳالهہ جي خوشي ملهائيندا آهن تہ اڄ شيطان لَعين آزاد ٿي ويو آهي، گانا هلائي ڪري ان کي خوش ڪيو پيو وڃي. ڪڏهن ڪڏهن ايترو وڏي آواز سان ميوزڪ هلايو ويندو آهي جو واٽ ويندڙ ماڻهو بہ جيڪڏهن ميوزڪ کان بچڻ چاهي تہ بچي ناهي سگهندو. بهرحال واٽ ويندڙ ماڻهو جي لاءِ بہ شرعاً هي حڪم آهي تہ جيڪڏهن سندن ڪنن ۾ ڪٿان کان ميوزڪ جو آواز اچي رهيو آهي تہ ڪنن ۾ آڱريون وجهي ڪري جلدي مان گذري وڃي، جيڪڏهن ڄاڻي واڻي آهستہ آهستہ هلندو تہ ميوزڪ جو آواز ايندو رهندو تہ پوءِ هي بہ گنهگار ٿيندو. (رد المحتار،651/9 ماخوذاً) اڄوڪي دور ۾ معاذالله گناهہ ڪرڻ ڏاڍو آسان ٿي ويو آهي مثلاً دوستن مان ڪو اعتڪاف ۾ وينو آهي، جيئن ئي اُن جو اعتڪاف مڪمل ٿيندو آهي تہ سندن دوست اُن جي لاءِ تحفي طور سينما گهر جي ٽڪيٽ وٺي ڪري رکي ڇڏيندا آهن تہ سيئي دوست ملي ڪري مَعاذالله فلم ڏسنداسون. عيد جي ڏينهن film theatre جي ٻاهران بورڊ لڳل هوندو آهي تہ اڄ هائوس فُل آهي. هاڻي تہ هر ماڻهوءَ جي هٿ ۾ موبائل موجود آهي ان ۾ تہ پورو سينيما گهر آباد آهي اڄ جو مُسلمان پنهنجي پاڻ کي آزاد محسوس ڪري ٿو جڏهن تہ حقيقت ۾ مسلمان آزاد ناهي بلڪ شريعت جي قوانين جو پابند آهي. هڪ مسلمان گناهہ ڪري بہ ڪيستائين پڇندو، اُن کي هڪ نہ هڪ ڏينهن موت تہ اچڻو ئي آهي، جيڪڏهن الله پاڪ اُن جي گناهن جي سبب ناراض ٿيو تہ قبر ۽ محشر ۾ عذاب ئي مُقدّر بڻجي ويندو.

چُھپ کے لوگوں سے کیے جس کے گناہ    وہ خبردار ہے کیا ہونا ہے

(حدائقِ بخشش، ص 167 )

## عيد جي ڏينهن نئون لباس پئي ڪفن ڪي نہ ويسارڻ گهرجي

حضرت عُبيدُاللّٰه بن شُميط رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا: منهنجي والدِ ماجد حضرت شُميط بن عَجّلان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عيد جي اجتماع ۾ ماڻهن کي ڏسي ڪري فرمايو: اهڙا ڪپڙا ڏسي رهيو آهيان جيڪي پراڻا ٿي ويندا ۽ اهڙا گوشت نظر اچي رهيا آهن جيڪي سڀاڻي (قبر ۾) ڪيڙن جي خوراڪ بڻجي ويندا. (حلية الاولياء،153/3، رقم:3516) هر مُسلمان کي اللّٰه پاڪ کان ڊڄندو رهڻ گهرجي، عيد جي ڏينهن جيتوڻيڪ انسان نئون لباس پائيندو آهي پر اُن نئين لباس جي ڪري غفلت ۾ پئجي ڪري ڪفن کي نہ وسارڻ گهرجي، هي مرڪون ۽ خوشيون انساني بدن تي ڪجهه ڏينهن جي لاءِ هونديون آهن، ان کان پوءِ تہ هي جسم قبر ۾ ڪيڙن جي خوراڪ بڻجي ويندو آهي. اللّٰه پاڪ اسان سڀني کي قبر جي عذاب کان محفوظ فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (ملفوظات امير اہل سنت، 308/8)

سوال: عيد جي ڏينهن ٻارن کي ڇا ڪرڻ گهرجي.؟

جواب: جيڪو ٻار سمجهدار آهي، نماز پڙهڻ ڄاڻي ٿو، مسجد ۾ ٻين ٻارن جيان شرارت نٿو ڪري تہ اهڙي ٻار کي مسجد آڻي سگهجي ٿو. جيڪڏهن اهڙو ٻار آهي جيڪو مسجد ۾ شرارت ڪري ٿو، جنهن جي

ڪري نمازي پريشان ٿين ٿا تہ اُن ڪي مسجد ۾ نہ وٺي وڃو. والدين پنهنجي ٻار جي ٻاري وڏيڪ ڄاڻين ٿا تہ سندن ٻار شرارتي آهي يا نہ؟ هاڻي تہ هونئن بہ عيد جو ماحول بڻيل هوندو آهي ۽ ماڻهو عيد جي نماز جي لاءِ پنهنجي ٻارن کي ساڻ وٺي ويندا آهن، ٻارن جو ذهن عام طور تي عيد جي ڏينهن عبادت ڪرڻ جو ناهي هوندو، انهن کي هر طرف کان ڪجھ نہ ڪجھ عيدي ملي رهي هوندي آهي ۽ اُن کان علاوه نوان ۽ عمده ڪپڙا پائي راند روند ۾ مست هوندا آهن. جيڪي ٻار سمجهدار آهن انهن کي گهرجي تہ عيد جي ڏينهن سُبْحٰنَ اللهِ وَبِحَمْدِهٖ 300 ڀيرا پڙهي ڪري هيئن چون تہ”هن جو ثواب حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام ۽ دنيا جي تمام مسلمانن کي ملي“ انهي طرح نالو وٺي بُزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم کي بہ ايصالِ ثواب ڪري سگهو ٿا مثلاً هن جو ثواب غوثِ پاڪ ۽ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ملي، وڏيڪ پنهنجي ڏاڏي ڏاڏيءَ، ناني نانيءَ ۽ ٻين مرحوم رشتيدارن جا بہ نالا وٺي سگهجن ٿا، ان کي ايصالِ ثواب ڪرڻ چئبو آهي. ايصالِ ثواب ۾ جن جن ماڻهن جو نالو ورتو ويندو آهي اهي پنهنجي قبر ۾ خوش ٿيندا آهن. هن کي ايئن سمجهو تہ ڪنهن شخص وڏي پيماني تي ماڻهن جي دعوت ڪئي آهي، اُن دعوت ۾ ڪيئي گهراڻا موجود آهن، انهي دعوت ۾ ميزبان خود ڪنهن گهراڻي جي طرف متوجھ ٿي ڪري نالو وٺي چئي تہ ”جناب اوهان اچا ونو“ هاڻي جنهن شخص جو نالو وٺي ڪري ميزبان چيو آهي اهو ضرور خوش ٿيندو تہ يار ايترن ماڻهن ۾ منهنجو نالو وٺي ڪري مون کي خاص عزت ڏني اٿس لهٰذا ايصال ثواب ڪندي وقت پنهنجي بُزُرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جو نالو بہ وٺڻ گهرجي تہ هُو پنهنجي مَزارن ۾ خوش ٿيندا آهن. (ملفوظات امير اہل سنت، 308/8)

سوال: جيڪڏهن ڪو مجبوري جي ڪري عيد جي نماز جماعت سان نہ پڙهي سگهي تہ اهو اڪيلو نماز ڪيئن پڙهي سگهي ٿو؟
جواب: عيد جي نماز اڪيلي نٿي ٿي سگهي (ہدایہ، 85/1) جماعت ان جي لاءِ ضروري آهي ۽ پوءِ ان جي جماعت جا بہ شرط آهن مثلاً جيڪو امام پنج وقت نماز جي امامت جي شرطن تي پورو لهندو هجي تڏهن بہ هُو عيد ۽ جمعي جي نماز نٿو پڙهائي سگهي ان ڪري جو عيد ۽ جمعي جي امامت جي لاءِ وڌيڪ ڪجھ شرط آهن، بهرحال جيڪڏهن ڪنهن جي ڪوتاهي جي ڪري عيد جي نماز رهجي وئي ۽ سڄي شهر ۾ ڪٿي بہ نہ ملي تہ گنهگار ٿيندو لهٰذا توبہ ڪري. (ملفوظات امیر اہل سنت، 452/2)

سوال: عيدي ڏيڻ جو ڇا انداز هجڻ گهرجي؟

جواب: عيدي ڏيڻ جو ڪو خاص طريقو ناهي، البتہ! مسلمان جي دل خوش ڪرڻ جي نيّت سان عيدي ڏئي سگهجي ٿي، پڻ جنهن کي عيدي ڏني وڃي اهو جيڪڏهن رشتيدار هجي تہ صلہ رحمي(يعني رشتيدارن سان چڱي سلوڪ) جي نيت بہ ڪئي وڃي، ايئن ئي جن ٻارن کي عيدي ڏيڻ سان ان جا والدين خوش ٿيندا هجن تہ عيدي ڏيندي سندن والدين کي خوش ڪرڻ جي بہ نيت ڪري سگهجي ٿي. ياد رکو! هي ضروري ناهي تہ هر ٻار کي عيدي ڏيڻ سان سندن والدين خوش ٿين، لهٰذا موقعي جو لحاظ رکيو وڃي. (ملفوظات امیر اہل سنت، 194/8)

سوال: عيدي لفافي ۾ ڏيڻ بهتر آهي يا بغير لفافي جي؟

جواب: ٻارن کي بغير لفافي جي عيدي ڏيڻ بهتر آهي، ڇوتہ نوان ۽ ڪڙڪ نوٽ ڏسي ڪري ٻار گهڻو خوش ٿيندا آهن. ها! عالمن ۽ مشائخ

ڪي احترام طور لفافي ۾ پيسا ڏنا وڃن تہ جيئن ٻين تي ظاهر نہ ٿين؟
(ملفوظات امير اہل سنت، 195/8)

سوال: عيد جي ڏينهن ٻارن کي جيڪا عيدي ملندي آهي، ٻار اُن عيدي کي ڪيئن استعمال ڪن ؟

جواب: عيد جي ڏينهن ٻارن کي جيڪا عيدي ملندي آهي ٻارئي ان جا مالڪ هوندا آهن. ڪڏهن ٻار پاڻ سمجهدار هوندو آهي تہ پاڻ وٽ ڪجھ نہ ڪجھ پيسا محفوظ ڪري وٺندو آهي. ٻار پنهنجي عيدي پنهنجي والد صاحب وٽ بہ جمع ڪرائي سگهن ٿا. سرپرست کي بہ گهرجي تہ ٻارن جي عيدي کي پاڻ وٽ محفوظ رکي يا انهن ئي پيسا مان ٻارن کي ڪا شيءِ ڏياري . (ملفوظات امير اہل سنت، 307/8)

سوال: جيڪڏهن ڪنهن جا والدين عيد کان ٿي يا ڇھ ڏينهن پهريان فوت ٿي وڃن تہ ڇا سندن گهر وارن جي پهرين عيد ملهائڻ جائز آهي؟

جواب: سوڳ ٽي ڏينهن تائين جائز آهي. ها جيڪڏهن ڪنهن عورت جو مڙس انتقال ڪري ويو آهي تہ ان جي سوڳ جي مدت چار مهينا 10 ڏينهن هوندي آهي. (بہارِ شريعت،855/1، حصہ:4) ڪنهن عورت جو نوجوان پٽ وفات ڪري ويو تہ ان جي جُدائي جو غم والده کي سڄي زندگي بيقرار رکندو آهي تہ اهڙي عورت ويچاري پنهنجي اختيار ۾ ناهي هوندي. بهرحال ٽي يا ڇھ مهينن کان پوءِ عيد ملهائي سگهجي ٿي، عيد جا نوان ڪپڙا بہ پائي سگهجن ٿا ۽ هڪ ٻئي کي عيد مبارڪ بہ ڏئي سگهجي ٿي. ميّت جي گهر وارا ڪجھ ماڻهو ايتري بيوقوفي ڪري ويندا آهن جو عيدُالاضحيٰ تي قرباني بہ ناهن ڪندا، ايستائين نوبت اچي ويندي آهي جو پنهنجي گهر ۾ خوشي جو ماحول بہ ناهن

ٻڌائيندا. ڪجھ ماڻھو اھڙا بہ ھوندا جو ماڻھن جي طعنن کان بچڻ جي لاءِ قرباني جي جانور ۾ ھڪ حصو ملائي ڇڏيندا آھن. ياد رکو! عيد جي ڏينھن خوشي جو اظھار ڪرڻ سُنت آھي ۽ سرڪارصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان عيد جي ڏينھن خوشي ملھائڻ ثابت آھي. (مراۃ المناجیح، 359/2) اللّٰہ پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

﴿قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَبِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْا ؕ﴾

تَرجَمَو ڪنز الايمان: ”تون فرماءِ الله جي ئي فَضْل ۽ سندس رَحْمَت تي جڳائي تہ خوشي ڪن.“

اللّٰہ پاڪ جي فضل ۽ رحمت جو ڏينھن عيد جو ڏينھن آھي، ھن ڏينھن خوشي جو اظھار ڪرڻ گھرجي. (ملفوظات امیر اہل سنت، 265/8)

سوال: رمضان المبارڪ کان پوءِ شوال المڪرم ۾ جيڪي روزا رکيا ويندا آھن انھن جو ثواب ھڪ سال جي روزن جي برابر آھي يا سڄي زندگي جي روزن جي برابر؟ پڻ ھي روزا شوال ئي ۾ رکڻ ضروري آھن يا بعد ۾ بہ رکي سگھجن ٿا؟

جواب: شَوَّالُ المڪرَّم جي روزن جي فضيلت جي متعلق ٽي فرمانِ مصطفيٰ پيش ڪجن ٿا: (1) جنھن رمضان جا روزا رکيا پوءِ ڇھ ڏينھن شوال ۾ رکيا تہ گناھن کان ائين نڪري ويو جيئن اڄ ئي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو آھي. (مجمع الزوائد، کتاب الصیام، باب فیمن صام ...الخ،جلد:3، صفحہ:322، حدیث:5102۔)(2) جنھن رمضان جا روزا رکيا وري ان کان پوءِ ڇھ شوال ۾ رکيائين. تہ ائين آھي جيئن دھر يعني سڄي عمر جوروز رکيو.(مسلم، کتاب الصیام، باب استحباب صوم...الخ، صفحہ:424، حدیث: 1164۔) (3) جنھن عيدالفطر

کان پوءِ شَوّال ۾ ڇهه روزا رکيا جڻ اُن سڄي سال جا روزا رکيا تہ جيڪو هڪ نيڪي آڻي ان کي ڏهہ ملنديون تہ ماهِ رمضان جا روزا 10 مهينن جي برابر آهن ۽ هي ڇهه روزا 2 مهينن جي برابر ايئن سڄي سال جا روزا ٿي ويا. (سنن کبرى للنسائی ،162/2-163،حدیث:2860 -2861) بهار شريعت جي حاشيي ۾ آهي: بهتر اهو آهي تہ هي روزا مُتفرَّق(يعني جُدا جُدا) رکيا وڃن ۽ عيد کان پوءِ لڳاتار ڇهه ڏينهن ۾ رکي ڇڏيا تڏهن بہ ڪو حرج ناهي. (بہارِ شریعت،1010/1،حصہ:5) بس عيد جي ڏينهن يعني شوال جي پهرين تاريخ تي روزو ناهي رکڻو. (ملفوظات امیر اہل سنت، 468/2)

سوال: ماڻهو چوندا آهن تہ عيدُالفِطر ۽ عيدُالاَضحيٰ جي وچ ۾ شادي جهڙيون تقريبون منعقد نہ ڪرڻ گهرجن، هن جي ڇا حقيقت آهي؟

جواب: عيدُالفِطر ۽ عيدُالاَضحيٰ جي وچ ۾ شادي جهڙيون تقريبون منعقد ڪري سگهجن ٿيون بلڪ عيدُالفطر ۽ عيدُالاضحيٰ جي ڏينهن بہ هي تقريبون ڪري سگهجن ٿيون. ڪوڙ ماڻهو هنن ڏينهن ۾ شادي ڪندا آهن، هن ۾ ڪو حرج ناهي. سڄي سال ۾ ڪوبہ ڏينهن اهڙو ناهي جنهن ڏينهن نڪاح يا شادي نہ ٿي سگهندي هجي. (ملفوظات امیر اہل سنت، 231/8)

سوال: عيد جي ڏينهن 300 ڀيرا سُبْحٰنَ اللّٰهِ وَبِحَمْدِهٖ جو وظيفو مسجد ۾ پڙهڻ لازمي هوندو آهي يا گهر ۾ بہ پڙهي سگهون ٿا؟ پڻ ڇا عورتون بہ هي وظيفو پڙهي سگهن ٿيون؟

جواب: سُبْحٰنَ اللّٰهِ وَبِحَمْدِهٖ جو وظيفو مَرد ۽ عورت ٻئي پڙهي سگهن ٿا، هن وظيفي ۾ ڪا تخصيص ناهي تہ گهر ۾ پڙهڻو آهي يا مسجد ۾.

جتي پڙهڻ ۾ آساني هجي اُتي پڙهي سگهو ٿا. هن وظيفي جي فضيلت هي آهي: جيڪو عيد جي ڏينهن سُبۡحٰنَ اللّٰهِ وَبِحَمۡدِهٖ 300 ڀيرا پڙهي ڪري تمام مسلمانن کي ايصالِ ثواب ڪندو ته انهن مان هرهڪ جي قبر ۾ هڪ هزار نور داخل ٿيندا ۽ جڏهن هن وظيفي کي پڙهڻ وارو انتقال ڪندو ته اُن جي قبر ۾ به هڪ هزار نور داخل ٿيندا. (مكاشفة القلوب، ص308) عيد جي ڏينهن صبح صادق کان وٺي ڪري غروبِ آفتاب تائين سڄو ڏينهن عيد جو ڏينهن آهي، هن ۾ ڪنهن به وقت هي وظيفو پڙهي سگهو ٿا، عيد جي ڏينهن روزو رکڻ جائز ناهي. (فتاوىٰ ہنديہ، 201/1، ملفوظات امير اہل سنت، 307/8)

سوال: ڇا عيد جي ڏينهن به مريضن جي عيادت ڪرڻ گهرجي؟.

جواب: جي ها، عيد جي ڏينهن به مريضن جي عيادت ڪرڻ گهرجي. ڪڏهن ڪڏهن مريض عيد جي پهرين ڏينهن پنهنجي عزيز ۽ دوست جو انتظار ڪري رهيو هوندو آهي ته اڄ پهرين عيد آهي، منهنجو دوست مون سان ملڻ ضرور ايندو ۽ عيد مبارڪ چوندو. جيڪڏهن دوست عيد جي پهرين جي بجائي ٻئي ڏينهن اچي ته مريض کي ايتري خوشي نه ٿيندي جيتري خوشي پهرين ڏينهن اچڻ تي ٿئي ها، پوءِ دوست به ٻئي ڏينهن اچي ڪري طرح طرح جا عُذر بيان ڪندو آهي ته مهمان اچي ويا هئا يا فلاڻي چاچي جي گهر عيد ملڻ ويو هيس. ٿي سگهي ته مريض جي مالي مدد به ڪيو ته بعض اوقات مريض نهايت بُري حالت ۾ هوندو آهي ۽ ڊاڪٽر صاحب چيو هوندو آهي ته فلاڻي ٽيبليٽ وٺڻ تمام ضروري آهي، جڏهن ته اُن وقت ٽيبليٽ وٺڻ جا پيسا ناهن هوندا ۽ عيادت ڪرڻ وارا گل کڻي ايندا آهن، حالانڪ بهتر هي

آهي تہ مريض کي رقم ڏني وڃي جنهن سان هُو پنهنجون ضرورتون مثلاً ٽيبليٽ ۽ ٻيون دوائون وغيره خريدي سگهن. ڪڏهن ڪڏهن عيادت ڪرڻ واري کي خبر نہ هجڻ ڪري اها شيءِ وٺي ايندو آهي جنهن جي مريض کي پرهيز ڪرڻي هوندي آهي مثلاً مريض کي شگر آهي ۽ عيادت ڪرڻ وارو ان جي دلجوئي جي نيّت سان مٺائي خريد ڪري آڻيندو آهي تہ هاڻي ويچارو مريض اها مٺائي ڪيئن کائي، فرض ڪيو جيڪڏهن جوش ۾ اچي ڪري مٺائي کائي بہ وٺي تہ بعد ۾ اَذيت جو شڪار ٿي ويندو تہ مٺائي تہ شوگر جي مريض جي لاءِ زهر جيان آهي، هن ۾ گهڻي مقدار ۾ مٺاڻ هوندو آهي جنهن جي ڪري شگر جو مريض مري بہ سگهي ٿو. وري مٺائي ٺاهڻ وارا خراب قسم جو مائو وجهندا آهن جنهن جي ڪري انساني طبيعت خراب ٿي سگهي ٿي ويندي آهي. سيئي مٺائي ٺاهڻ وارا اهڙا ناهن هوندا پر جيڪي ماڻهو ايئن ڪندا آهن انهن کي الله پاڪ کان ڊڄڻ گهرجي. (ملفوظات امير اہل سنت،310/8)

# هفتہ وار رسالو مطالعو

شيخ طريقت امير اهلسنت، حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ / خليفۂ امير اهلسنت الحاج ابو اُسَيد عُبيد رضا مدني مَدَّ ظِلُّهُ العالي جي طرفان هر هفتي هڪ رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏني ويندي آهي. ماشآءالله الكريم! لکين اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هي رسالو پڙهي يا ٻڌي ڪري اميراهل سنت/ خليفۂ امير اهلسنت جي دعائن مان حصو مائيندا آهن. هي رسالو آڊيو ۾ دعوت اسلامي جي

ويب سائٽ www.dawateislami.net يا

read and listen Islamic book تان فري ۾ ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو. ثواب جي نيت سان پاڻ بہ پڙهو ۽ پنهنجي مرحومين جي ايصالِ ثواب جي لاءِ تقسيم ڪيو.

(شعبو هفتہ وار رسالو مطالعو)

978-969-722-625-2

01082472

فيضانِ مدينہ محلّہ سوداگران، پراني سبزي منڈي کراچي

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net